حصو (الف) گهڻ چونڊائتي سوال)

سوال1. هيٺين مان درست جواب چونڊي لکو.

1. مائي خيري جو اصل نالو ــــــ آهي.
(الف) مهر النساء (ب) بدرالنساء (ج) خير النساء (د) زيب النساء

2. شاعر عبدالڪريم "گدائي" سنڌ جي ڪهڙي شهر ۾ ڄائو هو؟
(الف) حيدرآباد (ب) سکر (ج)جيڪب آباد (د) بدين

3. اجرڪ جا مکيه رنگ ڪيترا آهن؟
(الف) ٻه (ب) ٽي (ج) چار (د) ڇهه

4. سچو لفظ جي معنيٰ آهي.
(الف) اڌورو (ب) ڪچيل (ج) ثابت (د) اڻ پورو

5. سيد ثابت علي شاهه ڪهڙي قسم جو شعر چيو آهي؟
(الف) حمد (ب) نعت (ج) مرثيو (د) منقبت

6. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن آخري خطبو ڪٿي ارشاد فرمايو؟
(الف) منيٰ (ب) مزدلفه (ج) مدينه (د) عرفات

7. حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه ڪهڙي ملڪ جو رهاڪو هو؟
(الف) شام (ب) مصر (ج) ايران (د) ترڪي

8. حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جي والد جو نالو ڇا هو؟
(الف) امام زين العابدين ع (ب) امام محمد باقر ع
(ج) امام موسيٰ رضا ع (د) امام محمد تقي ع

9. رسالو "توحيد "ڪهڙي سن ۾ شايع ٿيو؟
(الف) 1920ع (ب) 1922ع (ج) 1923ع (د) 1925ع

10. عالمي عدالت جي ججن جو تعداد ڪيترو آهي؟
(الف) 10 (ب) 12 (ج) 15 (د) 20

11. ڪينجهر ڍنڍ جو ذڪر شاهه عبداللطيف رحه ڪهڙي سر ۾ ڪيو آهي؟
(الف) سر سسئي (ب) سرڪيڏارو (ج) سرڪاموڏ (د) سريمن ڪلياڻ

12. ڪهڙي حاڪم جي دور ۾ نصر پور کي لٽيو ويو؟
(الف) ڪلهوڙن (ب) سومرن (ج) ٽالپرن (ج) روهڙي

13. نقصان لفظ جي معنيٰ ــــــ آهي.
(الف) نفعو (ب) ڏنڊ (ج) ٽوٽو (د) وياج

14. مولانا دين محمد وفائي ڪهڙي سن ۾ وفات ڪئي؟